(ڳـــل - ۴۵)

## دڪشت جو نياپو- آنندراو جو سپنو- لڪڙيءَ جو ٽڪڙو



جيتوڻيڪ باباجن جو ساڪار سريرُ اسان وٽان غائب ٿي ويو آهي تہ بہ سندن نراڪار رُوپ تہ اسان سان هردم همراهہ آهي ۽ ظاهر آهي. هن وقت بہ جيڪو پنهنجن اندرين کي ۽ من کي روڪي، ايڪاگرچت سان، باباجن جي پُوڄا ۽ سيوا ۾ لڳائيندو تہ بابا سندن سهائتا ڪندو رهندو ۽ ڪندو رهيو آهي.

پتورتا استريءَ جو پتيءَ سان پريم برابر ٿيندو آهي پر شش ۽ گوروءَ جي شڌ پريم سان اُهو برابري ڪري ڪين سگهندو. ماتا، پتا ۽ ٻيا سنبنڌي، مانش جنم جي آدرش يعني آتم ساڪياتڪار ڪرائڻ ۾ ڪا بہ مدد ڪري نٿا سگهن، پر ستگورو ئي اسان کي آتم ساڪياتڪار ۽ آتم انڀوُتي ڪرائي سگهي ٿو. ان ڪري اسان کي اول پنهنجن پيرن تي بيهڻ، ستيہ ۽ اُستيہ، هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي سکن جو تياڳ ڪري، اندرين کي پنهنجي قبضي ۾ رکي، فقط موڪش جي ڌارڻا رکي، هن مارگ تي هلڻ کپي.

ڪانپوءِ اسان کي پرم آنند جي پراپتي ٿيندي.

باباجن ڪاڪا صاحب کي هر روز شري ايڪانٿ جي ٽاهيل شري ڀڳوت گيتا ۽ ڀاو ارٿ راماڻ ٻن ڌرمي گرنٿن جي پاٺ ڪرڻ جي آگيا ڏني هئي ۽ جا هو هر روز پاٺ ڪندو رهيو. هڪ ڀيري هو صبح جو بمبئي ۾ چوپاٽي تي ڀاڳوت جو پاٺ پڙهي رهيو هو ۽ ماڌوراو ديشپانڊي (شاما) ۽ ڪاڪا مهاجڻي ٻئي ڌيان سان ٻڌي رهيا هئا. ڀاڳوت جي (۱۱) اسڪنڌ جي (۲) اڌياءَ ۾ رشڀ ونس جي سڌ ڪوي، هري، انترڪش، پربڌ، پپلاين، آور هوتر، درمل، چمس ۽ ڪرڀاجن نون ناٿن جو ورڻن آهي، جن راجا جنڪ کي ڀاڳوت ڌرم جا سڌانت ٻڌايا هئا.

راجا جنڪ انهن نون کان مهتو پورڻ يعني مکيه سوال پڇيا هئا ۽ نون ناٿن راجا کي سنتوش جنڪ جواب ڏنا هئا، سعدس شنڪائون دور ڪيون هيون، يعني ته پهرئين ناٿ ڀاڳوت ڌرم جي، ٻئين هري ڀڳتي جي وشيشتا، ٽئين مايا ڇا آهي؟ چوٿين مايا کان ڪئن آزاد ٿيڻ گهرجي؟ پنجين پار برهم ڇا آهي؟ ڇهين ڪرم ڇا آهي؟ ستين اوتارن ۽ انهن جي ڪرمن، اٺين مرڻ بعد ڪهڙي گتي ٿئي ٿي؟ نائين ڪلجڳ ۾ ڀڳتي ڪرڻ جي پورن وڌين جو ورڻن ڪيو آهي. سڀني جو سار اهوئي آهي ته ڪلجڳ ۾ موکش جي پراپتي لاءِ هري

ڪيوتن ڪرڻ يا گورو جي چرڻن جو چنتن ڪرڻ جو فقط هڪ ئي ساڌن آهي.

ٻات پوري ٿيڻ بعد، ڪاڪا صاحب نـرواشا ڀڳل آواز ۾ چيو ته "نون ناٿن جي ڀڳتيءَ جي ورڻن ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ڀر اهي ساڌن عمل ۾ آڻڻ ڪيترا ڏ کئن آهن! نات ٻاڻ تـه سڌ هٿا ڀـر اسان جهڙن موڪن ۾ اهڙن نمونن جي ڀڳتي آڻڻ ٿيڻ سولي ۽ سميڻ آهـي ڇا؟ آنيڪ جنمن ڌارڻ بعد بـه اهڙي ڀڳتي پراپت ڪين ٿي سگهندي ته پوءِ موڪش وري ڪئن پراپت ٿـي سگهندو! يعني اسـان جهڙن جيون ڪي، موڪش جي آشا رکڻ ٿي نه گهرجي."

ماڌوراو - اسانجا ته وڏا ڀاڳ آهن، جو اسانکي سائين بابا جهڙو اَملهه هيرو هٿ لڳي ويو آهي. نراشا جو سو آلاپڻ، اَسان لاءِ نندڻ جوڳي ڳالهه آهي، جيڪڏهن توکي بابا ۾ اَٽل وشواس آهي تـه پوءِ هن چنتا ڪرڻ جـي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڪڏهن قبول ڪجي ته نون ناٿن جي ڀڳتي ڏ ريو ۽ پرٻل هوندي، پـر اسين ماٺهو بـه پريـم ۽ سـڪ سان ڀڳتي ڪين ڪـري رهيا آهيون؟ باباجن "اَڌڪار پوُرن وائيءَ" ۾ ڪين چيو آهي تـه "شري هري يـا گوروءَ جي نام جي جاپ ڪرڻ سان موڪش کي پراپتي ٿيندي." ته پوءِ ڀـپ ۽ چنتا ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟

ڪاڪا صاحب- اوهان جيڪي چيو سو برابر آهي پر منهنجي من ۾ اڃا مونجهارو آهي.

ٻئي ڏينهن ٻہ سنڌس من ۽ مغز ۾ اِهو ڀرم وڌي ويو تہ نون ناٿن واري بيان ڪيل ڀڳتيءَ جي پراپتي اصل ڪين ٿي سگهندي. اوچتو مهاشہ آنندراو پاڪاڙي، ماڌوراءِ کي ڳوليندي ڳوليندي اچي اُتي پهتو ۽ آهستي آهستي ماڌوراءِ جي ويجهو وڃي سنڌس ڪن ۾، ڏنل سپني جو بيان ٻڌائڻ لڳو تہ پاڻ ۾ وگهن پورڻ لڳو، جنهن ڪري ڪاڪا صاحب پاڻ پڙهڻ ڪٽي بند ڪيو ۽ ماڌوراءِ کي چيو:-

ڪاڪا صاحب - ڪهڙي بات چيت هلي رهي آهي؟

ماڌوراو- ڪالهہ جيڪو شڪ تو ظاهر ڪيو هو، اُن جي صفا سمجهاڻي ڏيئي رهيو آهي.

ڪالهہ باباجن، شري پاڪاڙي کي سپني ۾ درشن ڏيئي سمجهايو آهي تہ وشيش يا خاص ڀڳتيءَ جي ڪابہ آوشيڪتا ۽ ضرورت ناهي. فقط گوروءَ کي نمي نمسڪار ڪرڻ ۽ اُنجي پوڄا پريم سان ڪرڻ ئي ڪافي آهي. اِن تي سيٺي شري پاڪاڙي کي چيو تہ لون سپني جي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌاءِ.

هن چيو تہ مون سپني ۾ ڏٺو تہ اٿاهہ ساگر ۾ بيٺو آهيان ۽ پاڻي منهنجي ڇيلهہ تائين آهي. مٿي نهارڻ سان اوچتو باباجن جو درشن ڏٺم تہ هڪ رتن جڙيل

تخت تي براجمان آهي ۽ سندن چرڻ، جل جي اندر آهن. ماڌوراو (شاما) ٻه بابا جي ويجهو ڪڙو هو ۽ مون کي پيار ڀريل شبدن ۾ چيائين ”انندراو، بابا جي شري چرنن ۾ ڪري پئو.“

انندراو - مان ٻه اهوئي ڪرڻ چاهيان ٿو، پر باباجن جا چرن ته جل جي اندر آهن. هاڻي ٻڌاءِ ته پنهنجو مٿو سندن چرڻن تي ڪٿي رکان؟

شاما - هي ديوا ڪرپا ڪري پنهنجا چرڻ پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍو!

باباجن چرڻ ٻاهر ڪڍيا ۽ مان انهن کي لپٽي پيس. بابا آشيرواد ڏيئي چيو.

بابا - هاڻي تون آنند پورڪ موٽي وڃ، گهٻرائڻ يا چنتا ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. تنهنجا ڪلياڻ ٿيندا. باقي زريءَ جي ڪنار واري هڪ ڌوتي، شاما کي ڏج، ان مان توکي ڏاڍو لاڀ ٿيندو.

آگيا پائي مان يڪدم ڌوتي کڻي آيس ۽ ڪاڪا صاحب کي پرارٿنا ڪيم ته ڪرپا ڪري اوهين شاما کي ڏيو. ليڪن شاما وٺڻ کان انڪار ڪيو! چيائين ته جيسين مونکي باباجن کان آگيا نه ملندي تيسين مان وٺي ڪين سگهندس. ڪاڪا صاحب جو نيم هو ته جڏهن ڳالهه ۾ ڪيس ڪو سنديهه پيدا ٿيندو هو ته ٻن ٽڪرن مان هڪ تي سويڪار ۽ ٻئي تي آسويڪار

لکي باباجي فوٽي اڳيان رکندو هو ۽ هڪ ٻالڪ کي چوندو هو تہ ٻنهي مان هڪ چٺي کڻي ڏي. اِئين ڪرڻ سان ٻالڪ سوڀڪار جي چٺي کڻي ڏني تہ پوءِ شاما ڏوڙي وڃڻ قبول ڪئي.

مٿين مثال مان ثابت ٿو ٿئي تہ ٻين سنتن جي وچن جو بہ آدر ڪرڻ گهرجي پر پنهنجي گوروءَ تي پورڻ وشواس رکي، سندن وچن يا حڪم کي اکو بہ اکر پالڻ گهرجي، ڇو تہ گوروءَ کي ئي، شش جي ڪلياڻ جو اونو، ماتا وانگيان وڌيڪ رهيٺو.

باباجن جا هيٺيان وچن هردي جي پٽيءَ تي چڱيءَ طرح لکي ڇڏيو.

(۱) هن سنسار ۾ بيشمار سنت آهن، پر پنهنجو گوروُ بابو ئي سچو گورو آهي.

(۲) ٻيا سنت ڀلي ڪيترا بہ مٺا وچن ٻولين، پر پنهنجي گوروءَ جي اُپديش کي ڪڏهن بہ ڀلائڻ نہ کپي.

(۳) شڌ هردي سان پنهنجي گوروءَ سان پريم ڪري سندن شرڻ ۾ ساشٽانگ نمسڪار ڪندا، تہ اوهين ڏسندا تہ اوهان جي اڳيان ڀوساگر جي هستي، اهڙي طرح غائب ٿي ويندي، جهڙي طرح، سوُرج جي اڳيان، اونداهه غائب ٿي ويندو آهي.

(۴) باباجن حياتيءَ جي پهرئين اڌ ۾ ڪاٺ جي تختي تي سمهندا هئا، جو چار هٿ لنبو ۽ هڪ (هٿ)

ويڪرو هو ۽ پنهنجي چٽن تي ڪنڌن تي چار ڏينها باري رکندا هئا. پوءِ باباجن اُن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

هڪ ڀيري باباجن خود، اُنهي تختي جي مهتوَ تا ساراهه (وڏائي) ڪاڪا صاحب سان ڪئي، ته ڪاڪا چيو ته "باباجي، جڏهن اوهانجو اُنهي تختي سان اهڙو خاص سنيهه هو ته مان مسجد ۾ هڪ ٻيو پاٽيو هڻائي ڇڏيان ۽ اوهين اُن تي آنند سان ليٽي ننڊ ڪندا ڪريو." بابا اُتر ڏنو تہ "هاڻي، مهالساپتيءَ کي هيٺ ڌرتيءَ تي سمهاري، مان مٿي سمهڻ ڪين چاهيان ٿو.

ڪاڪا صاحب - آگيا ڏيو تہ مهالساپتيءَ لاءِ ٻيو تختو لڳرائي ڇڏيان.

بابا - هو اُن تي ڪين سمهي سگهندو؟ اهو ڪو سولو ڪم آهي ڇا؟ جيڪو نيتر کولي ننڊ ڪري سگهي، اُهو ئي [illegible] جو لائق آهي. جڏهن مان سمهندو آهيان ته گهڻو ڪري مهالساپتي کي پنهنجي پرسان وهاري چوندو آهيان ته منهنجي هردي (دل) تي پنهنجو هٿ رکي، [illegible] ڪر ته منهنجو "ڀڳوت جاپ" بند ته نٿو ٿئي! ۽ جيڪڏهن مونکي ٿوري به ننڊ اچي وڃي ته يڪدم مونکي جاڳاءِ. پر اهو ڪم به هو نٿو ڪري سگهي ڇو ته جڏهن هو خود ننڊ ۾ جهوٽا کائي، پنهنجو مٿو هيٺ

ڪري هٿ ٻون تي رکندو آهي ته سندس هٿ مونکي ٻڌو جهڙو ڏُررو لڳندو آهي ۽ مان پڪاري چوندو آهيان ”او ڀڳت“، تہ هو گهٻرائجي اکيون کوليندو آهي. هاڻي جيڪو ڀڳت ڏرلي ۽ تي بہ چڱي طرح ويهي ۽ سمهي نٿو سگهي ۽ جنهن جو آسن سڌ ڪيل ناهي ۽ جيڪو ننڊ جو داس آهي، اهو تختي لي مٿي ڪيئن سمهي سگهندو؟

”اَپنا اَپني ساٿ، اوُر اُسڪا اُسڪي ساٿ.“

